انفرادي ڪوشش جون مدني بهارون (حصو پهريون)

# هيروئني جي توبهه

۽

## 7 ايمان افروز مدني بهارون

سنڌي ترجمو


- شرارتي نوجوان تي انفرادي ڪوشش 4
- 43 قادياني ڪيئن مسلمان ٿيا؟ 19
- شرابي نوجوان جي توبهه 23
- مان ڪيئن سڌريس؟ 26



پيشڪش: مجلس المدينة العلمية (دعوت اسلامي)
شعبہ اسلامي ڪتب

مڪتبة المدينه
فيضان مدينه، محلہ سوداگران، پراني سبزي منڊي، باب المدينه (ڪراچي) پاڪستان فون: 4921389-95/4126999 فيڪس: 4125858
Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

# پهريان هي پڙهو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ يعني اَمر بِالمَعرُوف و نَهي عَنِ المُنکر يقينًا اسان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙساريون ڀلايون حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

**كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ** (پ۴، ال عمران:۱۱۰)

**ترجمو ڪنزالايمان:** "توهان ڀلا آهيو انهن سڀني امتن کان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون، چڱائي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ بُرائي کان روڪيو ٿا."

سيّدُ المُرسَلين، خاتَمُ النّبِيين، جناب رحمة للعلمين عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "**الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن **الله تعاليٰ** توهان جي ذريعي سان ڪنهن هڪ کي بہ هدايت ڏئي تہ اِهو توهان جي لاءِ ڳاڙهن اُٺن کان بهتر آهي." **(سنن ابو داود ج 3 ص 450 حديث 3661)**

حضرتِ سيّدُنا ڪَعبُ الاحبار رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: تہ جنّت الفِردوس خاص اُن شخص جي لاءِ آهي جيڪو نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ۽ بُرائيءَ کان روڪي. **(تنبيه المغترين ص 290)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مسلمانن تائين نيڪيءَ جي دعوت پهچائڻ جي ڪوشش عام طور تي ٻن طريقن سان ٿيندي آهي:

(1) **اجتماعي ڪوشش** (2) **انفرادي ڪوشش**

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي **دامت برڪاتهم العاليہ** جي ناهيل تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" ٻنهي طريقن سان نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. اجتماعي (يعني گڏيل) ڪوشش جا

نظارا اسان کي دعوتِ اسلامي جي ”**سنتن ڀريئي اجتماعن**“، ”کيسيٽ اجتماع“، وي سي ڊي اجتماع“ ”علائقائي دؤري براءِ نيڪيءَ جي دعوت“ ۾ نظر ايندا ۽ انفرادي ڪوشش جي باري ۾ امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليہ فرمائن ٿا: دعوتِ اسلامي جو **99.9** سيڪڙو ڪم انفرادي ڪوشش جي ذريعي مُمڪِن آهي.“اهو ئي سبب آهي جو پاڻ دامت برکاتهم العاليہ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي ذميداري محسوس ڪندي هڪ هڪ اسلامي ڀاءُ تي انفرادي ڪوشش ڪندي مسلمانن کي اهو ذهن ڏيڻ شروع ڪيائون تہ ”**مون تي پنهنجي** ۽ **سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**. ان شاءَ الله عزوجل “ جيئن تہ **سوالن** ۽ **جوابن** جي صُورت ۾ مُرَتَّب ڪيل شريعت ۽ طريقت جي جامع مجموعي ”**72 مدني انعامات**“ ۾ پاڻ دامت برکاتهم العاليہ **ڀاويهون** مدني انعام اهو عطا ڪيائون تہ ڇا اڄ اوهان گهٽ ۾ گهٽ ٻن اسلامي ڀائرن کي انفرادي ڪوشش جي ذريعي مدني قافلي، مدني انعامات ۽ ٻين ڪمن جي ترغيب ڏياري؟ اهڙي طرح **الحمدلله** عزوجل دعوتِ اسلامي جو هر مُبلِّغ اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليہ جي انفرادي ڪوشش جو تسَلسُل آهي ڇوتہ پاڻ دامت برکاتهم العاليہ ڪنهن اسلامي ڀاءُ تي انفرادي ڪوشش ڪيائون، ان ٻئي اسلامي ڀاءُ تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ اهڙي طرح نيڪيءَ جي دعوت جو اهو سلسلو هي سٽون لکجڻ تائين اٽڪل **66** ملڪن تائين پهتو آهي. دعوتِ اسلامي جي هن اهم ڪم يعني انفرادي ڪوشش جون خُوب خُوب بهارون آهن انهن منجهان چونڊيل **8** بهارن جو حصو ”**هيروئنيءَ جي توبهہ**“ جي نالي سان شايع ڪيو پيو وڃي. انفرادي ڪوشش جو طريقو سکڻ جي لاءِ اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليہ جي انفرادي ڪوشش جي **VCD** ”**عوامی وسوسے اور امیرِ اہلسنت کے جوابات**“ ڏسڻ ۽ مڪتبة المدينہ جي ڇپيل ڪتاب ”**انفرادي ڪوشش**“ پڙهڻ تمام فائديمند آهي.

اسان کي ڪپي تہ هن رسالي کي پڙهڻ کان پهريان سنيون سنيون

نيتون ڪريون. نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر وبَر صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن جو فرمانِ عاليشان آهي :”نية المؤمن خير من عمله مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“ (المعجم الكبير للطبراني الحديث 5942 ج 6 ص 185)

جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ هونديون ثواب بہ اوترو ئي وڌيڪ ملندو.

# ”فيضانِ عطار“ جي نون اکرن جي نسبت سان هن رسالي کي پڙهڻ جون 9 نيتون

﴿1﴾ هر ڀيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تَعَوُّذ (يعني اعوذ بالله) ۽ ﴿4﴾ تسميه (يعني بسم الله) سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي متي ڏنل ٻئي عربي عبارتون پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو). ﴿5﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن مُنهن ڪري مُطالَعو ڪندس﴿7﴾ جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي”سرڪارِ مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم پڙهندس ﴿9﴾ توفيق آهر هن رسالي کي ورهائيندس ۽ ٻين کي بہ هي رسالو پڙهڻ ۽ ورهائڻ جي ترغيب ڏياريندس.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ ”**اسان کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش** “ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن جو مسافر ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

**شعبہ اصلاحي ڪتب مجلس المدينة العلميہ (دعوتِ اسلامي)**

**19 ربيع الغوث1429هہ، 26 اپريل 2008ع**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# درود شريف جي فضيلت

رحمتِ عالم، نُورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو :”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دَهَشَتن ۽ حساب ڪتاب مان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهيا هوندا.“ (فردوس الاخبار، الحديث 8210، ج 2 ص 471)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿1﴾ امير اهلسنت جي شرارتي نوجوان تي انفرادي ڪوشش

**دعوتِ اسلامي** جي شروعاتي ڏينهنَ جي ڳالھ آهي، جڏهن شيخ طريقت،امير اهلسنّت حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليہ بابُ المدينہ (ڪراچي) جي مُختلِف مسجِدن ۾ وڃي **درس** ۽ **بيان** ۽ **انفرادي ڪوشش** ڪندا هئا. اُن وقت امن ۽ امان جي صورتحال اڄڪلھ (يعني 1429ھ، 2008ع) جي مقابلي ۾ تمام بهتر هئي. هڪ ڀيري اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ رات جو دير سان بس نہ ملڻ ڪري پيادل ئي پنهنجي گهر (واقع مُوسيٰ لين) ڏانهن موٽي رهيا هئا. راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي انهيءَ سفر ۾ ٻہ اسلامي ڀائر بہ ساڻن گڏ هئا. جڏهن پاڻ دامت

برڪاتهم العاليہ ٿاوَر (باب المدينہ ڪراچي جي هڪ مشهور چوڪ) جي ويجهو پهتا تہ اتي فُٽ پاٿ تي ڪي **نوجوان** (جن جو حُليو، شريف ماڻهن جهڙو نہ هو) پاڻ ۾ کِل ٻوڳ ڪري رهيا هئا، انهن مان هڪ کي شرارت سُجهي ۽ ان **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي ڪپڙن تي پان جي ٿُڪ اُڇلائي، جنهن جي ڪري سندن ڪپڙا خراب ٿي ويا. اها غير اخلاقي حرڪت **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ سان گڏ ٻن اسلامي ڀائرن کي نہ وڻي. انهيءَ کان اڳ جو هو اڳتي وڌي ڪجهہ ڪن، **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ انهن کي روڪيندي ڪجهہ هن ريت ارشاد فرمايو:”اِهو ئي وقت آهي هنن تي **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ جو.“

اهو چئي پاڻ دامت برڪاتهم العاليہ اُن شرارتي نوجوان جي ويجهو پهتا ۽ سلام ڪرڻ کان پوءِ نهايت نرميءَ سان پُڇيائون:”پيارا ڀاءُ! مون تي پان جي ٿُڪ اُڇلائڻ سان توهان کي ڇا مليو؟“ اهو نوجوان چوڻ لڳو:”بس اسان کي مولوين کي تنگ ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي.“ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ پنهنجي **جهولي** انهن جي سامهون جَهلي چوڻ لڳا تہ”جيڪڏهن توهان جي دل انهيءَ سان خوش ٿئي ٿي تہ ڀلي ٻيهر بہ پان جي ٿُڪَ اڇلايو.“ سندن بُردباري ۽ شفقت ڀريو لهجو ڏسي انهن نوجوانن جون شرم وچان نظرون جهڪي ويون. انهن نوجوانن **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ کان پنهنجي غلطي جي مُعافي گهري. **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ **انفرادي ڪوشش** جاري رکندي مُسڪرائي ارشاد فرمايو:”منهنجا **مٺا اسلامي ڀائرو!** ائين مُعافي نہ

ملندي، پھريان توھان کي مون سان گڏ چانھ پيئڻي پوندي، محبت ۽ شفقت جو انداز ڏسي اهي نوجوان ويتر مُتاثِر ٿيڻ لڳا ۽ پاڻ دامت برکاتھم العاليہ سان گڏ چانھ بہ پيتائون. انھيءَ دؤران **اميرِ اھلسنت** دامت برکاتھم العاليہ انھن کي گُلزارِ حبيب مسجد ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي. انھن نوجوانن **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جي نہ رڳو نيّت ڪئي بلڪ جمع جي رات جو اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ گلزارِ حبيب مسجد ۾ پڻ آيا.

اِهو ڏسي اُنھن جون اکيون دَنگ رهجي ويون تہ اُنھن جنھن کي عام شخص سمجھي تنگ ڪيو هو، اُهي هزارين ماڻھن جي **اجتماع** ۾ بيان فرمائي رهيا آهن ۽ اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙ وڏي توجھ ۽ عقيدت سان سندن بيان ٻڌي رهيا آهن. انھن نوجوانن پرسان ويٺل هڪ اسلامي ڀاءُ کان پُڇيو تہ اهي بيان فرمائڻ وارا ڪير آهن؟ ان انھن کي ٻڌايو:"تہ اهي حضرت علامہ مولانا **محمد الياس عطار** قادري رضوي دامت برکاتھم العاليہ آهن."اهي نوجوان اجان بہ وڌيڪ متاثر ٿيا جو اهي تہ تمام وڏا عالمِ دين بہ آهن. بيان جي پُڄاڻيءَ تي جڏهن **اميرِ اھلسنت** دامت برکاتھم العاليہ رِقّت انگيز دُعا گُھري تہ انھن نوجوان اسلامي ڀائرن بہ روئي روئي پنھنجي گناهن کان توبھ ڪئي ۽ پنھنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ کان بخشش جي خيرات گھريائون. صلوٰة ۽ سلام کان پوءِ **اميرِ اھلسنت** دامت برکاتھم العاليہ پاڻ اڳتي وڌي اسلامي ڀائرن سان ملاقات ڪرڻ شروع ڪئي. جڏهن پاڻ دامت برکاتھم العاليہ

جي نظر انهن نوجوان اسلامي ڀائرن تي پئي ته اڳتي وڌي هر هڪ کي پنهنجي سيني سان ائين لڳايائون جو اُهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن، **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اهي سڀئي اسلامي ڀائر **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن ۾ مصروف آهن.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! مُبلغ هجي ته **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ جهڙو! جيڪڏهن اَن نوجوان جي شرارت تي پاڻ دامت برکاتهم العاليہ **ڪاوڙ** ۾ اچن ها ۽ اٽڪي پون ها ته اهي مدني نتيجا نہ ملي سگهن ها. تنهنڪري اسان کي کپي ته خاص طور تي **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيڻ وقت ڪو ڪيتري ئي ڪاوڙ ڏياري، ڪيتري ئي دِل ڏُکائي، پنهنجي **زبان** ۽ **دل** کي قابو ڪريون ڇوته جڏهن زبان بي قابو ٿي ويندي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن نهيل ڪم بہ بگڙي ويندو آهي.

ہے فلاح وکامرانی نرمی وآسانی میں

ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ﴿2﴾ هيروئنيءَ جي توبهہ

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي علائقي ڪورنگي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي حلفيہ بيان جو خُلاصو آهي ته مان هڪ **آواره** نوجوان هئس. دوستن سان فُضول گپ شَپ ۽ سگريٽ پيئڻ

منهنجو معمُول هو. اسان سيڻي دوستن جي **سُڌرڻ** جو اهتمام هن طرح ٿيو جو اسان بابُ المدينہ ڪراچي (ڪورنگي ساڍا ٽي) ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي بينَ الاقوامي سُنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي. (اِهو بابُ المدينہ ڪراچي ۾ 1993ع ۾ ٿيڻ وارو آخري بين الاقوامي اجتماع هو، ان ڪان پوءِ اجتماع مدينة الاولياء (ملتان شريف) ۾ مُنتقِل ٿي ويو آهي) اسان اجتماع ۾ شريڪ تہ ٿياسين پر انهيءَ سان گڏوگڏ اِهو پروگرام بہ ٺاهيوسين تہ رات جي وقت اجتماع گاهہ کان ٻاهر وڃي گُهمي ڦِري سگريٽ پيئنداسين. اهڙي طرح جڏهن رات ٿي تہ اسان سگريٽ جا پاڪيٽ خريد ڪري گڏ ويهي سگريٽ پيئڻ شروع ڪيا. ۽ جِنّ، ڀُوت وغيره جا ڊيڄاريندڙ واقعا ٻُڌائڻ جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن جي ڪري ماحول ويتر دلچسپ ۽ خوف ڏياريندڙ ٿي ويو. اسان ائين ئي گپ شپ ۾ مشغول هئاسين تہ هڪ وڏي عمر جو اسلامي ڀاءُ (جنهن جي مٿي تي عمامو شريف هو) ويجهو اچي اسان کي سلام ڪيائين ۽ اسان جي وچ ۾ اچي ويٺو. اُن وڏي شفقت سان چيو: ”جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو تہ مان ڪجهہ عرض ڪيان.“ اسان چيو: ”ارشاد فرمايو.“ هو چوڻ لڳو تہ اِتفاق سان مان اوهان کي سگريٽ پيئندي ۽ هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ڪافي دير کان ڏسي رهيو آهيان. توهان جو اهو انداز ڏسي مون کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ياد اچي وئي، تنهنڪري مون سوچيو تہ خدا نہ ڪري ڪِٿي توهان بہ اُن تباهي وارِي راهہ تي نہ پهچو جنهن تي مان ڪافي عرصي تائين هلندو رهيو آهيان.

پوءِ اُن پنهنجو عبرت ڀريو داستان ٻُڌايو تہ مان ڪيئن خراب دوستن جي صحبت ۾ آيس ۽ شروع ۾ سگريٽ پيئڻ شروع ڪيم، پوءِ اِنهيءَ خراب صُحبت جي نُحُوست چرس ۽ هِيروئِن جهڙي خطرناڪ نشي جو عادِي بڻائي ڇڏيو. ”افسوس! مان **16 سالن تائين نشي جو عادي رهيس**.“ اهو ٻُڌائيندي هو روئڻهارڪو ٿي ويو. پوءِ پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي چوڻ لڳو: منهنجي خراب عادتن کان بيزار ٿي مون کي گهروارن گهران ڪڍي ڇڏيو. مان فُٽ پاٿ تي سمهندو هئس ۽ ڪچري جي ڍير مان ڪاڏي جون شيون چُونڊي يا ماڻهن کان گُهري کائيندو هئس. توهان کي شايد يقين نہ اچي مان **هڪ ٻي وٿيءِ ۾ 16 سال گذاريا**. منهنجي ڪيفيت چرين جهڙي ٿي چُڪي هئي. ماڻهو مون کي ڏسي نفرت ڪندا هئا ۽ پرسان لنگهڻ بہ پسند نہ ڪندا هئا. منهنجي اُجڙيل زندگي ٻيهر هيئن آباد ٿي جو هڪ رات غالبًا اها شبِ براءَت هئي، مان بدنصيب هڪ گهٽيءَ جي ڪُنڊ ۾ گند جي ڍير وٽ ٺاهيل ننڍي جهوپڙيءَ ۾ ليٽيل هئس. ڪنهن مون کي تمام مٺي آواز ۾ سلام ڪيو. آءُ حيران ٿي نظر مٿي ڪنئي تہ مون جهڙي گندي شخص سان ڪنهن کي ڪهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو؟ مون کي پنهنجي سامهون نوراني چهري وارا بہ اسلامي ڀائر نظر آيا جن جي مٿن تي **سبز عمامن** جا تاج هئا. اهي اَڳتي وڌي شفقت سان چوڻ لڳا: ”توهان کي ڪجهہ عرض ڪرڻو آهي.“ مون کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪو ايتري محبت سان مخاطب ٿيو هو. مان پنهنجي جهوپڙيءَ مان ٻاهر نڪري آيس. انهن مون کان منهنجو نالو وغيره پُڇيو، پوءِ مون کي شبِ براءَت جي اهميت ۽ برڪتن جي باري ۾ ٻُڌائڻ لڳا. آءُ انهنَ جي شفقت

پرئي انداز کان اڳ ۾ ئي متاثر ٿي چُڪو هئس. جڏهن انهن مون کي ان رات جي عظمت کان آگاهہ ڪيو تہ منهنجي ضمير مون کي چيو تہ ڇا اهڙي **عظيم رات** بہ پنهنجي **خالق** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي ۾ گذاريندين؟ هن رات ۾ وڏن وڏن گناهگارن کي بخشيو ويندو آهي، پر افسوس! نشي ڪرڻ وارو بدنصيب بخشش کان محروم رهندو آهي. مان انهيءَ سوچ ۾ پئجي ويس، محروميءَ جي صدمي مون کي بي چين ڪري ڇڏيو. انهن اسلامي ڀائرن جي **انفرادي ڪوشش** رنگ لاتو ۽ مون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ريجهائڻ جو پڪوپهہ ڪيو. اهڙي طرح مان انهن سان گڏ مسجد ڏانهن هلي پيس ۽ غسل ڪري ڪپڙا (جيڪي ڪنهن رحم ڪري مون کي ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ڏنا هئا) تبديل ڪيا. **16 سالن** کان پوءِ جڏهن مان مسجد ۾ داخل ٿيس ۽ نماز جي نيّت ڪيم تہ مون تي اهڙي رِقَّت طاري ٿي جو رحمتِ الاهي جي برسات منهنجي اکين جي ذريعي ڳلن کي آلِي ڪرڻ لڳي. **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ ۽ **دعوتِ اسلامي** تي ربّ تعاليٰ جي ڪروڙين رحمتون نازل ٿين، جن جي ڪري هڪ ڀٽڪيل غلام پنهنجي ربعَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو هو. مان ڪافي دير تائين پنهنجي گناهن کي ياد ڪري روئيندو رهيس ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان **مُعافي** گهرندو رهيس. جڏهن مان اتان اٿيس تہ مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي ڪريم ربّعَزَّوَجَلَّ منهنجي ٻاڏائڻ کي قبول فرمائي ورتو آهي.

مون گناهن ڀري زندگي ڇڏي **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول اختيار ڪري ورتو ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي ذريعي مُريد ٿي "**عطاري**" بہ ٿي ويس. مون پڪو ارادو

ڪيو ته بنا علاج ۽ دوا جي **نشي** جي عادت ڪان جان ڇڏائيندس. سو اُن جي لاءِ مون کي سخت آزمائشن مان گذرڻو پيو. مان تڪليف جي ڪري رڙيون ڪندو هئس ۽ تڙپندو هئس، ايتري تائين جو گهر وارا منهنجي حالت ڏسي روئي پوندا هئا ۽ مون کي صلاح ڏيندا هئا ته تنهنجو ساهه نه نڪري وڃي هيروئن جو هڪ اڌ سگريٽ ئي پيءُ ڪجهه سڪون ملي ويندئي، پوءِ هوريان هوريان گهٽ ڪندي ڇڏي ڏجانءِ. پر مان منع ڪندو هئس ۽ انهن کي چوندو هئس ته مون کي ڪٺ سان ٻَڌي ڇڏيو. اهي مجبور ٿي مون کي ٻَڌي ڇڏيندا هئا. مون کي سخت تڪليف ٿيندي هئي، سڄو بدن سور سان ڏڪندو هو، پر مون کي يقين هو ته هر مشڪل ڪانپوءِ آساني آهي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ آهستي آهستي منهنجي حالت بهتر ٿيڻ لڳي ۽ آخرڪار پير ۽ مرشد **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي صدقي مون کي نشي جي اثر کان ڇوٽڪارو ملي ويو ۽ مان مڪمل طور تي **تندرست** ٿي ويس.” الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪيڏو ڪرم آهي جو ڪالهوڪو هيروئني اڄ **دعوتِ اسلامي** جو مبلغ ٿي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهي.“ اِهو چوَندي ان جي اکين مان نِير وهڻ لڳا.

(ان اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي ته) ان جي حيرت انگيز ڪهاڻي ٻُڌي اسان ٻه روئڻهارڪا ٿي وياسين ۽ ڪيل گناهن کان توبهہ ڪري **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان رشتو ڳنڍي ورتوسين ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي دامن

سان وابستہ ٿي **عطاري** بہ بڻجي ويا آهيون. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اڄ مان ڊويزن سطح تي **مدني انعامات** جي ذميدار جي حيثيت سان خدمتون انجام ڏئي رهيو آهيان.
**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ معاشري جو اُهو طبقو جنهن سان ڪو ڳالهائڻ جي لاءِ تيار ناهي هوندو، **دعوتِ اسلاميءَ** اُن کي بہ سيني سان لڳايو ۽ اسلامي ڀائرن جي **انفرادي ڪوشش** سان اهو هِيروئِني جنهن پنهنجي زندگي برباد ڪرڻ ۾ ڪا ڪَسَر نہ ڇڏي هئي، ڪهڙي طرح سنّتن جي راهہ تي نہ رڳو پاڻ گامزن ٿيو بلڪ ٻين کي بہ **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ وارو ٿي ويو. پر اهو ياد رهي تہ ڪنهن بہ قسم جي نشي واري اسلامي ڀاءُ تي **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ وقت انتهائي **احتياط ۽ حڪمت** مان ڪم وٺڻو پوندو، خدانخواستہ ائين نہ ٿئي جو اُهو پاڻ سُڌرڻ جي بدران اوهان کي ئي **ٽاري** ڇڏي. تنهنڪري اهڙن تي وڏيءَ عُمر جي **اسلامي ڀائرن** يا ڪجهہ اسلامي ڀائرن جو گڏجي **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ مناسب آهي.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ میری جھولی بھر دے

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

# ﴿3﴾ فلمون ڏسندڙ نوجوان تي انفرادي ڪوشش

هي اُنهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن **دعوتِ اسلامي** جو هفتيوار **سنتن ڀريو اجتماع** دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز ”**گلزارِ حبيب مسجد**“ (سولجَر بازار) بابُ المدينه ڪراچي ۾ ٿيندو هو. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ اسلامي ڀائرن سان گڏ وڃي رهيا هئا. رستي ۾ هڪ سينما جي پرسان لنگهيا ته **هڪ نوجوان** جيڪو اُتي فلم ڏسڻ جي لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ جي انتظار ۾ بيٺو هو، اُن (معاذ الله عَزَّوَجَلَّ) وڏي آواز سان **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه کي مخاطب ٿي چيو: ”**مولانا! ڏاڍي سٺي فلم لڳي آهي اچو گڏجي ڏسون.**“ ان ڪان اڳ جو گڏ وڃڻ وارا اسلامي ڀائر جذبات ۾ اچي ڪجهه ڪَن ها، **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه ان نوجوان کي وڏي آواز سان سلام ڪيو ۽ ويجهو وڃي تمام نرميءَ سان انفرادي ڪوشش ڪندي ارشاد فرمايائون: ”**مان فلمون ناهيان ڏسندو باقي توهان مون کي دعوت پيش ڪئي ته مون سوچيو ته توهان کي به دعوت پيش ڪيان، هينئر ان شآءَ الله** عَزَّوَجَلَّ **گلزارِ حبيب مسجد ۾ سنتن ڀريو اجتماع ٿيندو، توهان کي شرڪت جي گذارش آهي، جيڪڏهن توهان هاڻي نه ٿا اچي سگهو ته جڏهن موقعو ملي ته ضرور تشريف وٺي اچجو.**“ پوءِ پاڻ دامت برڪاتهم العاليه ان کي عطر جي شيشي

تحفي ۾ پيش ڪيائون.

**ڪجهہ** سالن کان پوءِ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي بارگاهہ ۾ سُنّتن جو عامِل هڪ اسلامي ڀاءُ سبز عمامي سان حاضر ٿيو ۽ ڪجهہ هن طرح عرض ڪيائين:”سائين !ڪجهہ سال اڳ ۾ هڪ نوجوان اوهان کي (معاذالله عزّوجلّ) فِلم ڏسڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ اوهان انتهائي صبر جو مظاهرو ڪندي ناراض ٿيڻ بدران ان کي **دعوتِ اسلامي** جي سنتن ڀرئي **اجتماع ۾ شرڪت** جي دعوت پيش ڪئي هئي اهو نوجوان مان ئي آهيان. مان اوهان جي عظيم حُسنِ اَخلاق کان گهڻو متاثر ٿي آخرڪار هڪ ڏينهن اجتماع ۾ آيس، پوءِ اوهان جي نظرِ ڪرم ٿي وئي ۽ **الحمدلله** عزّوجلّ مان گناهن کان توبهہ ڪري **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

**الله** عزّوجلّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ زانِي نوجوان تي انفرادي ڪوشش

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مان شادي شُده هجڻ جي باوجود خراب صُحبت جي نُحُوست جي ڪري اٽڪل

هڪ سال کان **زِنا** جهڙي ڪبِيره گناهه ۾ مبتلا هئس. افسوس! مون کي اِهو احساس نه هو ته وقتي لذّت جي خاطِر ڪرڻ وارو اِهو خراب فِعل، آخرت ۾ ڏکي غم جو سبب ٿي سگهي ٿو. مان نه ڄاڻ اڃان ڪيترو عرصو هن گندي فعل ۾ ڦاٿل هجان ها پر خوش قسمتيءَ سان مون کي **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول ملي ويو. مان **سنتن ڀريءَ اجتماعن** ۾ اچڻ وڃڻ لڳس ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه سان بَيْعَت ڪري سندن طالِب ٿي ويس. اُن کان پوءِ مون کي پنهنجي ڪيل فِعلن تي شرمساري ٿيڻ لڳي پر مان زِنا کان مُڪمّل طور تي پنهنجي جان آجِي نه ڪرائي سگهيس، نَفْس ۽ شيطان ورغلائي ڪڏهن ڪڏهن وري اهو گناهه ڪرائيندا هئا ڇوته منهنجي ڪارخاني جي سامهون ئي ان ڇوڪريءَ جو گهر هو، هوءَ اُتان کان اِشارو ڪندي هئي ته مان مجبور ٿي اُن جي گهر ويندو هئس. مان تمام گهڻو پريشان هئس ته هن وڏي آفت کان ڪيئن پنهنجي جان ڇڏايان. ربِيعُ النّور شريف جي روشن گهڙين ۾ مون گناهگار کي ڪنهن طريقي سان **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ جي سعادت ملي وئي. اُتي ديدار جو شربت پيئڻ سان گڏوگڏ سندن وسيلي سان دعائون گهرندو رهيس ته "يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي زنا جي عادت کان ڇوٽڪارو ڏي". **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي دعا قبول ٿي وئي. اِهو هيئن ته جڏهن مان گهر وڃي سُتس ته **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه بنفسِ نفيس منهنجي خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪجهه هن ريت ارشاد فرمايائون:"جيڪڏهن

توهان زنا کان بچڻ ٿا چاهيو ته ان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسڻ به ڇڏي ڏيو.“سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ مون سندن نصيحت تي سختيءَ سان عمل ڪيو ۽ ان ڇوڪريءَ وٽ وڃڻ ته نهيو پر ڪڏهن به ان ڏانهن نظر نه ڪنئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ جي ٻُڌايل ارشاد جي مطابق نگاهن جي حفاظت ڪرڻ جي بَرَڪت سان زنا جهڙي بُري عادت **ختم** ٿي وئي.

گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی

بُری عادتیں بھی چھڑا یا الٰہی

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو ته **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي ماحول جي برڪت سان زانِي نوجوان کي گناھ جو احساس ٿيو ۽ ان کي جيئري ئي توبهہ نصيب ٿي وئي. اها به خبر پئي ته الله عَزَّوَجَلَّ جا ولي خواب ۾ اچي به اِنفِرادي ڪوشش فرمائيندا آهن.

## خواب ۾ روزو نہ ڇڏڻ جي تاڪيد فرمائي

شيخ طريقت، **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ پنهنجي مشهورِ زمانہ تاليف”**فيضانِ سنت**“ جلد پهريون جي صفحي **894** تي لکن ٿا:

المَلفُوظ حصّي ٻئي ص 143 تي آهي، منهنجا آقا **اعلٰى حضرت** رَحْمَةُاللهِ تعالىٰ عَلَيهِ ارشاد فرمائن ٿا:”هڪ سال رمضان المبارڪ کان ٿورو عرصو پهريان منهنجا والد مرحوم حضرت رئِيسُ المُتَڪَلّمِين سيّدُنا و مولانا نَقِي علي خان عليه

رحمة الرحمٰن خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: پُٽ! ايندڙ رمضان المبارڪ ۾ تون سخت بيمار ٿي پوندين، پر خيال رکجانءِ ڪوبہ روزو قضا نہ ٿيڻ گهرجي.پنهنجي والد صاحب رَحۡمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ جي ارشاد مُوجِب واقعي رمضان المبارڪ ۾ آءٌ سخت بيمار ٿي پيس. پر هڪ بہ روزو نہ ڇڏيم. الحمدللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! روزن جي ئي برڪت سان اللہ عَزَّوَجَلَّ مون کي صحت عطا فرمائي ۽ صحت چو نہ ملي ها جو سيِّدُ المَحۡبُوبِين رحمة للعٰلمين صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم جن جو ارشادِ پاڪ بہ تہ آهي: "صُومُوا تَصِحُّوا يعني روزو رکو صحتياب ٿي ويندؤ". (درِ منثور ج 1 ص440)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ قافلہ ڪورس جي لاءِ انفرادي ڪوشش

**ڏکڻ آفريقا** مان هڪ **مفتي** صاحب 41 ڏينهن جو **مدني قافلہ ڪورس** ڪرڻ جي لاءِ 1426هہ ۾ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** بابُ المدينہ (ڪراچي) تشريف وٺي آيا. مدني قافلہ ڪورس جدوَل جي مطابق جاري هو. انهيءَ دؤران هڪ مُبلِّغ **دعوتِ اسلامي** انهن کان پڇيو:"سائين! توهان جو مدني قافلہ ڪورس جو ذهن ڪيئن ٺهيو؟ انهن جي جواب جو خلاصو هِي هو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ **دعوتِ اسلامي** جي مرڪزي مجلسِ شُوريٰ جا نِگران مدني قافلي ۾ ڏکڻ آفريقا تشريف وٺي آيا. اتي نگرانِ شوريٰ ڪاري نسل واري آفريقين تي **انفرادي ڪوشش**

ڪئي. مان بہ اتي موجود هئس. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي **انفرادي ڪوشش** رنگ لاتو ۽ اُهي آفريقي **ڪلمو** پڑهي مسلمان ٿي ويا ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ جي غلامي قبول ڪري **عطاري** ٿي ويا. مان ڏاڍو متاثر ٿيس تہ "اهو شان آهي عطَّارِين جو تہ **عطار** جو عالَم ڇا هوندو." انهيءَ ڪيفيّت ۾ سوچن ۾ هئس. جڏهن رات جو مان سُتس منهنجي سُتل قسمت ناز منجهان جاڳي پئي ۽ مون کي خواب ۾ **عطار** يعني **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ دامت برکاتهم العاليہ مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي وڏي محبت سان فرمايائون: "مفتي صاحب! اوهان مدني قافلہ ڪورس ڪرڻ جي لاءِ بابُ المدينہ ڪڏهن تشريف وٺي ايندؤ؟ مان اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهيان." **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ جي **انفرادي ڪوشش** جي بَرَڪت سان مان اُنهي خواب جي تعبير حاصل ڪرڻ لاءِ ڏکڻ آفريقا مان ڊگهو سفر ڪري مدني قافِلہ ڪورس ڪرڻ جي لاءِ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** پهچي ويس.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی

صدقہ تجھے اے ربِّ غفار مدینے کا

**الله عَزَّوَجَلَّ جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ﴿6﴾ 43 قادياني ڪيئن مسلمان ٿيا؟

بابُ الاسلام (سنڌ) جي شهر نواب شاهہ سانگهڙ روڊ جي رهواسي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ شروع ۾ مان **قادِياني** مذهب سان تَعَلّق رکندو هئس ۽ جوانيءَ جي نشي ۾ مست ٿي دوستن جي ڪچهري ۾ پنهنجي آخرت واري انجام کان بي خبر ٿي **عيش** ۽ **عشرت** جي زندگي گذاري رهيو هئس. منهنجي زندگي ۾ ڪفر جي اونداهي کان نڪرڻ جو سبب هن ريت ٿيو تہ مان قادياني هجڻ جي باوجود منهنجي دوستي مسلمان ڇوڪرن سان هئي جيڪي منهنجي مذهب کان بي خبر هئا. منهنجا ڪي دوست تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا **محمد الياس عطار** قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليہ جا مريد ٿي **عطاري** ٿي ويا. حيرت انگيز طور تي مون پنهنجي نوجوان ماڊرن دوستن ۾ ٿوري ئي عرصي ۾ انقِلابي تبديلي محسوس ڪئي. جيئن ئي نماز جو وقت ٿيندو هو اِهي مون کي ڇڏي مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهڻ هليا ويندا هئا. انهن جي فَحش ڳالهيون ڪرڻ جي عادت ختم ٿي وئي. پوءِ انهن مان ڪجهہ دوستن نہ رڳو پنهنجي چهري تي سنت جي مطابق **ڏاڙهي** سجائي ورتي بلڪ **عمامي شريف** جو تاج بہ پنهنجي مٿي تي سينگاريائون. شروع شروع ۾ مان ۽ ٻيا ڪجهہ دوست انهن کي ڏاڍو چيڙائيندا هئاسين ۽ اُنهن تي ٽوڪُون ڪندا هئاسين پر اِهي

جواب ڏيڻ جي بدران مُسڪرائيندا رهندا هئا. اهي انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي بہ **دعوت اسلامي** جي سنتن ڀريئي اجتماع ۾ هلڻ جي دعوت ڏيندا هئا پر مان جيئن تہ حقيقت ۾ قادياني هئس ۽ گهر وارن جي طرفان مذهبي ماڻهن سان اٺڻ ويهڻ جي سختيءَ سان منع ٿيل هئي، تنهنڪري لنوائي ويندو هئس. هڪ ڏينهن منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ هلي ڏسجي تہ **دعوتِ اسلامي** جي **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو اِهي بي نمازي ۽ ماڊرن نوجوان ٿوري ئي عرصي ۾ نہ رڳو نمازي بلڪ تَهَجَّد گُذار ۽ **سُنتن جا عامِل** ٿي ويا، اِهي پنهنجي **پير** ۽ **مرشد امير اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو بار بار وڏِي عقيدت سان تذڪرو ڪندا آهن، انهن سان ملڻ گهرجي تہ اهي آخرڪار ڪهڙي شخصيت آهن؟

بهرحال هڪ ڀيرو مان انهن سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي نواب شاهہ شهر ۾ ٿيڻ واري **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ شامل ٿيس. اها غالبًا 1988ع جي ڳالهہ آهي. اتي مان مبلغ **دعوتِ اسلامي** جو بيان ٻُڌو جيڪو تمام دلنشِين ۽ تاثِير وارو هو. پوءِ ذڪرُ الله عَزَّوَجَلَّ جي صدائن ۽ روئي روئي گهري ويندڙ دعا مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. پوءِ جڏهن سيني بيهي **صلوٰة و سلام** پڙهڻ شروع ڪيو تہ مان بہ شامل ٿي ويس. انهيءَ ۾ جيڪو سرور مليو اهو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. مون ان اجتماع ۾ ڪيترن ئي نوجوانن کي ڏٺو جن جي چهرن تي **ڏاڙهيون** ۽ مٿن تي سبز سبز **عماما** هئا. انهن جي چهرن جي نُورانيَّت، حياءُ سان جُهڪيل نِگاهون، سنَّت جي مُطابِق

بدن تي **سفيد لباس** ۽ مٿي تي **زُلف**، ضرورت مطابق گفتگو جو **ادب وارو انداز، خوش اَخلاقي** ۽ **مِلنساري** ڏسي مون تي رقت طاري ٿي وئي. بي اختيار منھنجي اکين مان ڳوڙھا وهڻ لڳا، ۽ مان پنھنجي دل ۾ اسلام جي محبت محسوس ڪرڻ لڳس پر ڪنھن سان اظهار نہ ڪري سگھيس، ايندڙ جمعي رات جڏھن مان اجتماع ۾ پھتس تہ مون هڪ مُبلِّغ کي پنھنجو واقعو ٻڌايو ۽ روئيندي عرض ڪيم تہ توهان مون کي مسلمان ڪريو. اُن هڪدم مون کي قادياني مذهب کان توبھ ڪرائي ڪَلِمو پڙهايو ائين مان اسلام جي عظيم دولت سان مالا مال ٿي ويس. اِها خبر جلد ئي گھر پھچي وئي. منھنجو پيءُ اِهو ٻُڌي ڪاوڙ مان بي حال ٿي ويو ۽ مون کي گھڻ وڏ ڳالهايائين بلڪ مار بہ ڏنائين، پر **مدني ماحول** جي بَرَڪت سان مون وَرَنڌي ڏيڻ جي بدران صبر ڪيو. منھنجي اکين مان ڳوڙھا وهڻ لڳا. مون کي روئيندو ڏسي بابا کي رحم آيو ۽ مون کي پيار سان سمجھائڻ لڳو. پر **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ منھنجي دل ۾ اسلام جي محبت ڏينھون ڏينھن وڌندي وئي. مان پابنديءَ سان دعوت اسلامي جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتھم العاليہ جي هٿان بيعت ٿي "**عطاري**" بہ ٿي ويس.

ڪجھ عرصي کان پوءِ بابُ المدينہ ڪراچي (گلزارِ حبيب مسجد) ۾ **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتھم العاليہ جي بارگاھ ۾ حاضري جي سعادت ملي تہ مون پاڻ دامت برکاتھم العاليہ کي پنھنجي اسلام قبول ڪرڻ جي بَهَار ٻُڌائي ۽ پنھنجي

والدين ۽ ٻين گھروارن جي **اسلام** قبول ڪرڻ جي لاءِ دعا جي گذارش ڪئي. منهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا، مون کي سيني سان لڳايائون دُعا ۽ تَسَلّي ڏيندي فرمايائون: **ان شآءَ الله** عَزَّوَجَلَّ **جلد** توهان جا گھر وارا بہ اسلام قبول ڪندا. نوابشاهہ واپس اچڻ کان پوءِ مون گھروارن کي **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جا رسالا پڙهائڻ ۽ وقت بوقت انهن تي **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ جو سلسلو بہ جاري رکيو. هڪ ڪامل وليءَ جي دعا جي برڪت سان رڳو 15 يا 20 ڏينهَن جي اندر **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ والدين سميت گھر جي اٽڪل 13 ڀاتين قاديانِيّت کان توبهہ ڪري **اسلام** قبول ڪري ورتو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مرشد جي توجُّهہ سان مون پنهنجي خاندان جي ٻين ماڻهن تي بہ **انفرادي ڪوشش** ڪئي. جنهن جي برڪت سان اٽڪل ٻن سالن کان پوءِ منهنجو پُڦڙ گھر جي اٽڪل 17 ڀاتين سميت گھڻن ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ قاديانيت کان توبهہ ڪري **مسلمان** ٿي ويو. اهي **دعوتِ اسلامي** ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ کان تمام گھڻو مُتاثِر هئا. **اسلام** قبول ڪرڻ کان تقريبًا بہ سال پوءِ اٽڪل 60 سالن جي عمر ۾ نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ تسبيح پڙهندي پڙهندي مسجد ۾ ئي انهن جو روح جسم مان **پرواز** ڪري ويو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان وڌيڪ **انفرادي ڪوشش** جاري رهي ۽ 2003ع ۾ منهنجي سؤٽ سميت ان جي خاندان جا اٽڪل 12 **ڀاتي مسلمان** ٿي ويا. منهنجي ٻارن جي ماءُ (يعني گھرواري)

پنهنجي قادياني مائٽن ۾ **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جا رسالا ورهائيندي رهندي آهي. انهن رسالن جي برڪت سان ڪيتريون ئي عورتون **اسلام** قبول ڪري چڪيون آهن.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ﴿7﴾ شرابي نوجوان جي توبهہ

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريبًا 22 سال) جي تحريري بيان جو خلاصو آهي تہ مان ننڍي عمر ۾ ئي **خراب دوستن** جي صحبت ۾ اچي ويس، ۽ جلد ئي انهن جي صحبت جو اثر ظاهر ٿيڻ لڳو، اهڙيءَ طرح وقت گذرڻ سان گڏوگڏ منهنجو ڪردار بہ **بگڙجندو** ويو، ۽ مان **شراب** پيئڻ لڳس، هيروئن جو نشو بہ ڪندو هئس. پاڙي جا ڪجهہ نوجوان بہ مون سان گڏ اٿڻ ويهڻ جي ڪري **نشي** جي عادت ۾ مبتلا ٿي ويا. پاڙي وارا بہ مون ڪان بيزار هئا. جيڪڏهن پاڙي جو ڪو ڇوڪرو مون سان گڏ هوندو هو تہ ان جا گهر وارا مون سان اچي وڙهندا هئا، گاريون بہ ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا: "خبردار! هاڻي منهنجي پُٽ يا منهنجي ڀاءُ ڪي پاڻ سان نہ ويهار."گهروارا بہ مون کي گهڻ وڌ چوندا هئا ۽ سمجهائيندا هئا، پر مان ڪَن نہ ڏيندو هئس،آخرڪار گهروارا بہ تنگ ٿي مون کي گهر مان ڪڍي ڇڏيوتہ جيئن مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿئي پر مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ڪيئن ٿئي؟ منهنجي دل ۽ دماغ تي تہ نشي جو

اثر هو. آخرڪار منهنجي حالت اهڙي ٿي وئي جو مان آسانيءَ سان هلي به نه سگهندو هئس. آخرت جو فڪر ته پري جي ڳالھ مون کي دنيا جو فڪر به نه رهيو هو. پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندي ۽ نشي جي حالت ۾ شايد مان دنيا کان موڪلائي وڃان ها پر **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ ۽ دعوتِ اسلامي تي الله عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون نازل ٿين جو انهن مون کي تباهيءَ جي کڏي مان ڪڍي جنّت وٺي وڃڻ واري رستي تي گامزن ڪري ڇڏيو.

ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن ڪيڏانهن وڃي رهيو هئس ته ڪنهن وڏي محبت ۽ شفقت سان منهنجو هٿ جهلي روڪي ورتو. مان جيئن ئي نگاهون کڻي ڏٺم ته اهو وڏي عمر وارو باريش (يعني ڏاڙهيءَ وارو) اسلامي ڀاءُ هو جنهن کي اڇو لباس پاتل هو ۽ اُن جي مٿي تي **سبز عمامو** به هو. اُن انتهائي شفقت سان منهنجي خيريت معلوم ڪئي. مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن کي اهڙي محبت ڏيندي ڏٺو جيڪو دل کي ڏاڍو سٺو لڳو. مختصر گفتگو کان پوءِ ان اسلامي ڀاءَ مون کي هٿ کان وٺي وڃي ناشتو ڪرايو. اهڙو محبت ڀريو سلوڪ ته مون سان ڪڏهن گهروارن به نه ڪيو هو. انهن جون شفقتون ڏسي سبز عمامي وارن جي محبت منهنجي دل ۾ گهر ڪرڻ لڳي. ان اسلامي ڀاءُ مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌايو ۽ مون کي **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري. مان اڳ ۾ ئي متاثر ٿي چڪو هئس تنهنڪري مون هٿوهٿ مدني

قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪئي. پوءِ مون **مدني قافلي** ۾ سفر بہ ڪيو. مدني قافلي ۾ سفر جي دؤران قافلي ۾ شرڪت ڪندڙن جي حُسنِ اَخلاق ۽ شفقتن جي برسات منهنجي دل جي گندگي کي ڌوئي صاف ۽ پاڪ ڪري ڇڏيو. انهن جون محبتون ڏسي منهنجون اکيون روئڻهارڪيون ٿي ويندييون هيون جو مان تہ اُهو بُرو شخص آهيان جنهن کي پنهنجا گھروارا بہ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. مون انهن خيالن جو اظهار جڏهن هڪ اسلامي ڀاءُ سان ڪيو تہ ان اهو چَوَندي مون کي پنهنجي سيني سان لڳايائين، تہ جنهن کي دنيا بُرو چوندي آهي. **دعوتِ اسلامي** وارا **الحمدلله عَزَّوَجَلَّ** انهن کي بہ پنهنجي سيني سان لڳائيندا آهن. محبت جو وڌيڪ جام پيئڻ جي لاءِ مان اتان کان ئي وڌيڪ 12 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ روانو ٿي ويس. جڏهن مان مدني قافلي مان واپس آيس تہ منهنجي مٿي تي **سبز عمامو** هو ۽ جسم تي صاف سُٿرو سُنّت جي مُطابِق سفيد (يعني اڇو) لباس هو ۽ چهري تي ڏاڙهي شريف ظَاهر ٿي چڪي هئي. پاڙي وارا مون کي اِنهي مَدَني لباس ۾ ڏسي حيران ٿي ويا تہ هي اهو ئي ڇوڪرو آهي جنهن کان سڄو پاڙو بيزار هو. مان پنهنجي گناهن کان توبھ ڪري واپس آيو هئس تنهنڪري پاڙي وارن ۽ گھروارن بہ مون کي قبول ڪري ورتو. مدني ماحول جون مون کي اهڙيون برڪتون نصيب ٿيون جو ڪلھ جيڪي مون سان ڳالهائڻ جي لاءِ تيار نہ هئا ۽ پنهنجي ٻارن کي مون وٽ ويهڻ کان روڪيندا هئا اڄ اهي ماڻهو پنهنجي اولاد کي منهنجي (يعني هڪ دعوتِ اسلامي واري جي)

صحبت ۾ رهڻ جي تاڪيد ڪندا آهن. دعوتِ اسلامي مون کي جڻ نئين زندگي عطا ڪئي آهي. مون دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن کي پنهنجي زندگي جو مقصد بڻائي ورتو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي مرڻ گهڙيءَ تائين نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کردیا دیکھو

اندھیرا ہی اندھیرا تھا اجالا کردیا دیکھو

**الله عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿8﴾ مان ڪيئن سڌريس؟

**هند** جي صوبي اُترانچَل جي علائقي ڪاشِي پور جي رهواسي اسلامي ڀاءُ (عمر اٽڪل 20 سال) جي حلفيہ بيان جو خُلاصو آهي تہ مان بُري صُحبت جي ڪري اٽڪل **14** سالن جي عمر کان ئي گناهن جي ماحول ۾ ڦاسي چڪو هئس. **شراب** پيئڻ ۽ عورتن جو پِيڇو ڪرڻ منهنجي پسنديده عادت هئي. پوءِ مان وري **بدمعاشي** شروع ڪئي ۽ ماڻهن سان هُروڀرُو اٽڪڻ، وڙهڻ منهنجو معمول ٿي ويو. انهن حرڪتن جي ڪري هڪ ڀيرو مان گرفتار بہ ٿيس پر جلد ضمانت تي آزادي ملي وئي. مان اڃان بہ دلير ٿي ويس ۽ علائقي ۾ بدمعاش جي نالي سان مشهور ٿي ويس. ننڍي

عمر وارو هجڻ جي باوجود ڪنهن ڪان ڊڄڻ جي بغير ان تي حملو ڪري ڇڏيندو هئس. منهنجا والدين مون کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا. ايتري تائين جو انهن مون کي گهران ڪڍي ڇڏڻ جي ڌمڪي بہ ڏني پر مون تي ان جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو. مان **ظلم جي انجام** کان بي خبر ٿي دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيندو هئس تہ منهنجي بدمعاشي جو اثر ويهجي ويو آهي. منهنجا رات ڏينهن گناهن ۾ گذرندا هئا. منهنجي سڌرڻ جو بهانو هيئن ٿيو جو هڪ ڏينهن مان گهٽيءَ جي جي هڪ پاسي سبز عمامي واي اسلامي ڀاءُ کي ڪنهن ڪتاب مان درس ڏيندي ڏٺو. مان بہ ان جي ويجهو وڃي ويٺس. مون کي اهو درس ڏاڍو وڻيو. مون ڪتاب تي نظر وڌي تہ ان تي ”**فيضانِ سنت**“ لکيل هو. درس ڏيڻ واري اسلامي ڀاءُ مون سان وڏي محبت سان ملاقات ڪئي ۽ **انفرادي ڪوشش** ڪندي **مدني قافلي** جي دعوت پيش ڪئي. **فيضانِ سنت** جي درس جو **ميٺاج** اجان تائين مون کي محسوس ٿي رهيو هو. تنهنڪري مون بنا سوچ ويچار جي مدني قافلي ۾ سفر جي **نيت** ڪري ورتي ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر اختيار ڪيو. قافلي ۾ شريڪ اسلامي ڀائرن جي **انفرادي ڪوشش** ۽ مدني قافلي جي **جدول** مون کي زندگي گذارڻ جو سليقو سيکاري ڇڏيو. باجماعت نماز، قرآن جي تلاوت، درود شريف، ورد وظيفا، نيڪيءَ جي دعوت، هر ڪم سنّت جي مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، انهن سڀني ڪمن ۾ منهنجي لاءِ تمام گهڻي ڪَشِش هئي. مون کي مدني قافلي

۾ اهو روحاني لطف مليو جو بيان کان ٻاهر آهي. مون هتوهٽ وڏيڪ **3** ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. جڏهن مان مدني قافلي مان واپس آيس تہ بدمعاشي منهنجي ماضي جو قصو بڻجي چڪي هئي. مان توبهہ ڪرڻ کان پوءِ **دعوتِ اسلامي** جي پاڪيزه مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪري چڪو هئس جنهن ۾ امن، سڪون، محبت، عزت ۽ احترامِ مسلم جو جذبو هو.

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مان "**وڪيل عطار**" جي ذريعي **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليہ جي دامن سان وابستہ ٿي **عطاري** ٿي ويس. منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ واري مدني انقلاب ڪي ڏسي گهر وارا بہ دعوتِ اسلامي سان ڏاڍي محبت ڪرڻ لڳا ۽ اهي بہ "عطاري" ٿي ويا. الله عَزَّوَجَلَّ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ** ۾ استقامت عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالیٰ عليه واٰلهٖ وسلم

**الله عَزَّوَجَلَّ جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو! تہ **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول ڪيڏو نہ پيارو آهي جو انهيءَ جي دامن ۾ اچي معاشري جا نہ ڄاڻ ڪيترائي بگڙيل انسان باڪردار ٿي

سنتن ڀري باعزّت زندگي گذارڻ لڳا۔ نہ ڄاڻ ڪيترن ماڻهن کي بُرن عقيدن کان توبهہ نصيب ٿي. اوهان بہ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ۽ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ واري عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪريو ۽ شيخ طريقت، **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي عطا ڪيل مدني انعامات تي عمل ڪريو، ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ٻنهي جهانن جون ڪوڙساريون پلايون نصيب ٿينديون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## هي رسالو پڙهي ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

**شادي غمي جي موقعن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جي ڇپيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفليٽ پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مدني مشورو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الحمدلله عزوجل اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ ان جي سڀ کان قيمتي دولت ان جو ايمان آهي. ان جي حفاظت جو فڪر اسان کي دنياوي شين کان به وڌيڪ هئڻ گهرجي. امامِ اهلسنّت، عظيم البرڪت، مجددِ دين و ملت اعليٰ حضرت الشاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جن جو ارشاد مبارڪ آهي: علماءِ ڪرام فرمائن ٿا، ”جنهن کي (زندگيءَ ۾) ايمان ڪسجڻ جو خوف ناهي هوندو، سڪرات جي وقت ان جو ايمان ڪسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي.“

**(الملفوظ حصو4 ص 390 حامد اينڊ ڪمپني مرڪز الاولياء لاهور)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪ عملن تي استقامت سان گڏوگڏ ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن ”**مرشدِ ڪامل**“ جو مريد ٿيڻ به آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي **دامت برڪاتهم العاليه** سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ مُريد ڪندا آهن ۽ قادري سلسلي جي عظمت جي ته ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جو ان جا عظيم پيشوا حضور سيّدُنا غوث الاعظم رحمة الله تعالیٰ عليه قيامت تائين جي لاءِ (خدا عزوجل جي فضل سان) پنهنجي مُريدن جي توبهه تي مرڻ جا ضامن آهن. (**بهجة الاسرار ص 191 مطبوعه دارالڪتب العلميه بيروت**) جيڪو ڪنهن جو مُريد نه ٿيو هجي ان جي خدمت ۾

مدني مشورو آهي! ته هن زماني جي سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جي ذاتِ مبارک کي غنيمت سمجهي بنا ڪنهن دير جي سندن جو مُريد ٿي وڃي. يقيناً مُريد ٿيڻ ۾ ڪو نقصان نه آهي، ٻنهي جهانن ۾ ان شآءالله عزوجل فائدو ئي فائدو آهي.

# مريد ٿيڻ جو طريقو

**گهڻا** اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون انهيءَ ڳالهه جو اظهار ڪندا رهندا آهن! ته اسان **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جو مُريد يا طالب ٿيڻ ٿا چاهيون. پر طريقيڪار معلوم ناهي،جيڪڏهن توهان مُريد ٿيڻ چاهيو ٿا ته پنهنجو ۽ جن کي **مريد يا طالب** بڻائڻ ٿا چاهيو انهن جو نالو هڪ صفحي تي ترتيبوار ولديت ۽ عمر سميت لکي **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي"مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريه"**جي پتي تي روانو فرمائي ڇڏيو، ته ان شآءَالله عزوجل انهن کي به سلسلهءِ **قادريه رضويه عطاريه** ۾ داخل ڪيو ويندو. (پتو انگريزي جي وڏن اکرن ۾ لکو)

E-Mail: Attar@dawateislami.net